نسمات الانس فارسي، حضرات القدس ٣ جلد فارسي "روضة القيوميه ٣ جلد فارسي ايضًا اردو" سلسلة الذهبيه ٢ جلد اردو ايضًا فارسي (٥) بهجة السنية عربي (٦) حدائق الورديه (٧) تحفة النديه عربي (٨) جواهر علويه فارسي (٩) انوار احمديه فارسي (١٠) بركات احمديه فارسي (١١) هديه مجدديه فارسي (١٢) ارتحال احمدي وصال مجددي فارسي ايضًا اردو (١٣) مقامات سعديه (١٤) كواكب دريه فارسي ٣ جلد (١٥) مقامات امام رباني فارسي ايضًا اردو (١٦) سوانح عمري حضرت امام رباني (١٧) عمدة المقامات فارسي (١٨) زبدة المقامات فارسي -

ٻيا هزارها ڪتاب جن مان هن مسڪين وٽ به تقريبًا ٢٠٨ ننڍا وڏا ڪتاب موجود آهن ۽ ڪروڙ ٻيا شڪر ڪريان ته حضرت غوث الثقلين قُدِّسَ سِرُّهٗ جي مدح ۾ پڻ ڪي ڪتاب موجود آهن جهڙوڪ (١) تفريح الخاطر في مناقب الشيخ عبدالقادر (٢) تحفة القادريه (٣) گلدستهء ڪرامات ۽ ٻيا ملفوظات ۾ (٤) "فتوح الغيب" ۽ سندس شرح حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي قُدِّسَ سِرُّهٗ جو ۽ سندس تصنيفات ۾ غنية الطالبين مطبوعه مڪه مڪرمه جنهن حاشيه تي بهرسالا مبارڪ

حضرت جن جي تصنيفات مان ڏنل آهن شال! رب سائين اميد پوري ڪندو جو ٻين ڪتابن جي زيارت کان مشرف ٿيندس ـــ مولوي صاحب کي پڪ ڄاڻڻ گهرجي ته حضرات مُجَدِّدِي، جي طريقه عاليه حضرت امام رباني مُجَدِّدِ الف ثاني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي جي داخل آهن سيئي وليِّن ڏاهن عُمُوْمًا، حضرت غوث الثقلين قدس سره ڏاهن خصوصًا پوري طرح معتقد آهن. جو ختمو حضرت محبوب سُبْحَانِي رضي الله تعالىٰ عَنْهُ ڏاهن منسوب آهي، سو حضراتن سڳورن جي ختمي سان گڏ تا پڙهن - ڏسو "هديه مجدديه" ص ٧٩ مطبوعه مطبع مجتبائي جو-

حضرت شاه وڪيل احمد سڪندرپوري ڪشف الظنون جي عبارت ني ڪيترو ذڪيو آهي اُها عبارت هي آهي-

قَالَ الشيخ عمر بن عبد الوهاب القرضي الحلبي في ظهر نسخة من نسخ البهجة ذكر ابن الوردي في تاريخه اَنَّ فِي الْبَهْجَةِ اُمُوْرًا لَاتَصِحُّ وَمُبَالَغَاتٌ فِي شَانِ الشَّيْخِ عبد القادر لَاتليق اِلَّا بالربوبيّة اِنْتَهٰى وبمثل هذه المقالة قيل عن الشهاب ابن حجر العسقلاني الخ ـــ اُنهي عبارت جو ڏهديه مُجَدِّديه ۾ آهي سو مهرباني فرمائي چڱي طرح غور ڪري ڏسو ته ڪيترو نه مُجَدِّدِي بزرگ حضرت غوث الثقلين قُدِّسَ سره جي

دَرٻارِ پُرانوار جو خاص غلام ۽ معتقد آهي ۽
اهڙيءَ طرح پڙهيا-

**قولهٗ:-** ته خبر پوي ٿي ته صحابن ڪرامن ۽ امامن سڳورن کان سواءِ ٻين سڀني وليّن تي انجو قدم آهي

**اقول:-** مولوي صاحب کي گهرجي ها ته خَيْرُ الْقُرُوْنِ قَرْنِيْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ جي حديث شريف ڏانهن نظر فرمائن ها، اصحاب ۽ تابعين ۽ تبع تابعين سڀني کان نه وري پهلا آهن ۽ حضرت عيسىٰ عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو اولي العزم نبي آهي، سو به ولي ٿي ايندو، انکي ۽ ٻين کي جيڪي به ڪمالات نبوت ۽ اخص الخواص جي درجي کان مشرف ٿين انهن کي "زير قدمي" کان ٻاهر ڪڍن ها جنهن جي اڳ چڱي طرح تحقيق ڪئي آهي جي نه ته جن سڳورن اهو تحقيق ڪيو آ، انهن جي لاءِ مولوي صاحب ڇا فرمائيندو؟ يا دل ۾ نه هوا، يا تعصب ۾ هوا اميد ته اهڙي قسم جو لفظ اهڙن بزرگن قَدَّسَ اللهُ تَعَالىٰ اَسْرَارَهُمْ جي حق ۾ ادا ڪيو لڳندو

**قولهٗ:-** هو پاڻ ٿو فرمائي ته "قَدَمِيْ هٰذِهٖ عَلىٰ رَقَبَةِ كُلِّ وَلِيِّ اللهِ" يعني منهنجو هي قدم سڀني وليّن جي ڳچين تي آهي، اهو انجو فرمودو بس آهي

**اقول:-** يقين آهي ته مولوي صاحب لکندو ته

ڏينداسون منهنجو جواب آهي - معلوم هجي ته ترجمو
ڪيل ڪتاب ۾ نه قدمن جي ڳالهه اصلاً ڪانهي مگر هڪ
نسخه ۾ جو ماسٽر صاحب جنهن تان اوتاريو آهي۔

**قوله:-** آئون مولوي صاحب کي ٻڌايان ته شيخ
احمد سرهندي جو اهو لکڻ ته آئون شيخ عبدالقادر
جيلاني کان وڏو آهيان ۽ پيران پير جو قدم منهنجي
ڪنن تي نه آهي سو بالڪل غلط ۽ اڻ پورو آهي۔

**اقول:-** اڳ لکيو ويو آهي ته حضرت امام رباني
مجدد الف ثاني قدس سره النوراني جن هر ولي جو
پوري طرح ادب ڪيو آهي - ڇو ته جڏهن طينت
محمدي صلي الله عليه وسلم کان مُشَرَّف هوا ته ڏهن
ڇو ته خلق محمدي اختيار ڪن - هائو، گهڻا تيا اهڙا
ثابت ڪيا اٿن جو تبع تابعين کان پوءِ ڪنهن کي اهڙي
عنايت ڪانه ٿي، اها نعمت الاهي ظاهر فرمائي اٿن،
جنهن ۾ ڪا شرعي ممانعت ڪانهي، خصوصاً سندن
ڪشف صحيح لاڳو صحو سان هوا، جيئن ته اڳ جناب
قاضي صاحب قدس سره جي ڪتاب "ارشاد الطالبين"
جي عبارت ۾ آيو - مٿئين ڪتاب ۾ قاضي صاحب ص ٢٢
۾ ٿو آڻي - اوليا را جائز است که اظهار نمايند انعام حق تعالى را
که در حق آنها شده و مرتبه و درجه قرب الهى که بفضل خود حق تعالى
به آنها عطا فرموده چنانچه قصائد غوث الثقلين و مكاتيب حضرت

جو مونکي حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه جي روحانيت جي مدد سان حاصل ٿيو. سو ڀلا ٻڌاءِ جنهن شخص جي مدد کان ڪيس مٿيون درجو حاصل ٿيو ٿهن کان پاڻ جوهن جو مريد آهي سو ڏئي سگهندو ڇا؟ هرگز نه

**اقول:-** وهبي ۽ ڪسبي فيض جي ياد ڪريو ۽ قرب نبوّت جنهن کي ڪمالاتِ نبوة ۽ رسالت ۽ منصب نبوة پڻ چئبي تو انجي تقرير ڏنل ڏسو. عروج اخير مخصوص نسبت فرديت سان آهي، جو قرب ولايت جي مقامن ۾ اهو وڌو درجو ۽ اَصْلُ الْاَصْلِ آهي پوءِ پيا تنهن حق تعاليٰ کان ڪين عطا ٿيا. جيڪي مقام قربِ نبوّة سان لاڳو آهن ظاهر آهي ته ”مبدء معاد“ ”مکتوبات شريف جلد اول جي پوري تيئن کان پاڻ لکيل آهي جيئن ته مڪتوب ع. جي پڇاڙي ۾ ”مبدء معاد“ جي معرفت پاڻ رقم فرمائي اٿن- باقي جو غوث بِالْاِصَالَةِ ۽ پيا بِالنِّيَابَتِ جي تقرير ڪئي ته مکتوب ۾ ڪانهي، اخير مکتوب جلد ثالث ۾ قربِ نبوّت، قربِ ولايت جو بحث آندو اٿن، سو اڳ اهو مکتوب لکجي آيو آهي، پاڻ کي قرب ولايت جي مقام ۾ حضرت محبوب سبحاني قُدِّسَ سِرُّهُ جو نائب مناب فرمايو اٿن- جو شاه غلام علي قُدِّسَ سِرُّهُ فرمايو آهي ته اهو سندن سراسر ادب آهي جا اُها عبارت به اڳ اچي وئي آهي-

